# تفسير آية تسميه ۽
# آيات شفاء لما في الصدور
# (سورة يونس)

# قرآن جي عظمت جون ڪي ڳالهيون

(1)
## آية تسمية جي عظمت

خواجه عبدالله انصاريءَ جو شاگرد رشيدالدين الميبدي پنهنجي تفسير "ڪشف الاسرار و عُدَّةُ الابرار" ۾ (**بسم الله الرحمٰن الرحيم**) هر سورة جو تفسير ڪندي هر ڀيري نيون نيون عجيب روحاني معنائون بيان ٿو ڪري.

1. سورة يونس جي تفسير ۾ آية تسمية جون چار فضيلتون بيان ڪيون اٿس. فرمائي ٿو تہ:

(الف) آية تسمية عبادت جو اُوچو درجو (ڪمال عبادت) آهي.
(ب) اها آيت برڪت حاصل ڪرڻ (حصول برڪت) جو ذريعو آهي.
(ج) گناهن کان بخشش (غفران معصيت) جو ذريعو آهي.
۽ (د) (ايمان ۽ فضل) جي درجن وڌڻ ۽ انهن تي قائم رهڻ (برداشت درجات) جو ذريعو آهي.
انهن لطيف نقطن جي وضاحت ڪندي فرمايائين تہ
(الف) عبادت جو ڪمال آية تسمية ۾ انهيءَ معنيٰ ۾ آهي جو رسول پاڪ محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ (لا وضوء لمن لم يذڪر اسم الله عليه) اهو وضوءُ (قابل قبول) ناهي جنهن ۾ الله جو نالو نہ ورتو وڃي. ڇئي ٿو تہ اها (لا) ڪمال ۽ فضيلت جي نفي آهي جو رسول پاڪ (صلي الله عليه وسلم) فرمايو تہ (لا صلواة لجار المسجد الا في المسجد) يعني "مسجد جي پاڙي ۾ رهندڙ

جي نماز ناهي سواءِ انهيءَ جي جو مسجد ۾ (پڙهي)“ ۽ فرمايائين تہ (ولا فتىٰ الاّ علي.) ”کو جوان ناهي سواءِ حضرت علي ڪرم اللّٰه وجهه جي.“

۽ رسول اللّٰه ﷺ فرمايو تہ (اذا توضاءَ احدکم فذکراسم اللّٰه عليه طهر جميع اعضائه،
و اذا لم يذکر اسم اللّٰه عليه لم يطهر منه الا ما مسَّه الماءَ).

يعني ”اوهان مان جڏهن ڪو وضوءُ ڪري ٿو ۽ پوءِ ان تي اللّٰه جو نالو پڙهي ٿو تہ ان سان سندس (جسم جا) سڀ عُضوا پاڪ ٿي وڃن ٿا (۽ قلب جي پاڪائي بہ حاصل ٿي ٿئي)، پر جڏهن ڪو وضوءُ ڪندي اللّٰه جو نالو نٿو وٺي تہ ڪيس پاڪائي حاصل نٿي ٿئي، سواءِ انهيءَ جو انهن عضون تي پاڻي مکيائين.“

(ب) وري آية تسمية مان برڪت انهيءَ معنىٰ ۾ حاصل ٿي ٿئي جو رب العالمين پنهنجي نالي ڪي برڪت وارو ڪوٺيو آهي جو فرمايائين تہ (تبارڪ اسم ربک ذي الجلال

والاڪرام)، يعني ”برڪت وارو نالو آهي تُنهنجي خداوند بزرگوار جو جيڪو جلال ۽ اڪرام جو مالڪ آهي.“ ان ڪري هر اهو ڪم جنهن جي شروع ۾ الله جو نالو ورتجي ۽ جنهن جي پڄاڻيءَ تي الله جو نالو ورتجي اهو ڪم لازمي طور برڪت ۽ خير وارو ٿيندو.

ڪي ماڻهو رسول پاڪ (صلي الله عليه وسلم) جن وٽ آيا ۽ عرض ڪيائون ته ”يا رسول الله (صلي الله عليڪ وسلم)، اسين جيڪو طعام ڪائون ٿا اهو اسان ڪي پُورو (ڪفايت) نٿو ٿئي ۽ (جيترو به ڪائون ته) اسان کي ڍؤ نٿو ٿئي (يعني پيٽ ڀرجڻ يا سيريءَ جو احساس نٿو ٿئي.) رسول خدا (ﷺ) فرمايو ته (سمُّوا الله عز وجل، واجتمعوا عليه، يُبارڪ لڪم فيه) يعني ڪاڌي تي الله جل شانه جو نالو وٺو (بسم الله سان ڪائڻ شروع ڪريو)، ۽ گڏجي ڪائو، ائين ڪرڻ سان اوهان جي ڪاڌي ۾ (رب پاڪ وٽان) اوهان لاءِ برڪت وڌي ويندي.“

(ج) بسم الله ۾ گناهن جي معافي (غُفران معصيت) ۽ (د) درجن جي بُلند ٿيڻ جي ڳالھ ائين آهي جو حضرت ابو هريره (رضي الله عنه رسول پاڪ (ﷺ) کان روايت ٿو ڪري تہ پاڻ فرمايائون (”من ڪتب بسم الله الرحمٰن الرحيم و لم يعور الهاءِ الذي في الله ڪتب له الف الف حسنة و محا عنه الف الف سيّئة و رفع له الف الف درجة.

و من قال (بسم الله الرحمٰن الرحيم) ڪتب الله له اربعة آلاف حسنة و محا عنه اربعة آلاف سيّئة و رفع له اربعة آلاف درجة.“)

يعني جنھن ماڻھوءَ (بسم الله الرحمٰن الرحيم) لکي ۽ جيڪي ان (جي معنىٰ ۾) آهي ان کان انڌائپ يا اڪ ٽار نہ ڪيائين، اُن لاءِ الله تعالىٰ هزار هزار (يعني ڏھ لک، يعني هڪ ملين) نيڪيون (حسنات) لکي ٿو، سندس هڪ ملين مدايون (ڏوھ يا بڇڙايون) ميٽي ٿو ۽ سندس هڪ ملين درجات وڌائي ٿو. ۽ اهڙيءَ طرح جيڪو هڪ دفعو (بسم الله الرحمٰن

الرحيم) واتئون چوي ٿو ان لاءِ چاليهه هزار نيڪيون لکي ٿو، ان جون چاليهه هزار مدايون ميٽي ٿو، ۽ چاليهه هزار درجات بلند ڪري ٿو.“

(و قال تنَوَّق رجل في بسم الله الرحمٰن الرحيم فغفر له.)

مطلب ته ”۽ فرمايائين ته جنهن ماڻهوءَ (بسم الله الرحمٰن الرحيم) چوڻ تي پاڻ کي هيرايو (عادت وڌائين، پابند ٿيو) ته الله تعالىٰ ان کي بخشي ڇڏيو.“

2. فرمايائين ته

- (بسم الله الرحمٰن الرحيم) ۾ ڏٽي پاڪ جو نالو ”الله“ ”منوَّر القلوب“ يعني قلبن کي روشن ڪندڙ آهي (يعني جهالت جي اونداهين مان ڪڍي ايمان جي سوجهري ۾ آڻيندڙ آهي).
- الله جو نالو ”الرحمٰن“ ”ڪاشف الڪُروب“ ڪَربن، ڏُکن، اُهڪاين يا تڪليفن جو لاهيندڙ (ڪشف ڪندڙ) آهي،

- ۽ الله جو نالو ”الرحيم“ آهي جو هو ”غافرالذُّنوب“ ڏوهن جو بخشيندڙ آهي.

ان جو مطلب اهو آهي تہ

- رب پاڪ جو مٺو ذاتي نالو ”اللّٰه“ آهي جيڪو دوستن جي دلين کي روشن ڪندڙ چمڪائيندڙ آهي،
- سندس صفاتي نالو ”الرحمٰن“ آهي جو پاڻ رب تعالىٰ ويچارن ڏُکويلن، مُٺَنِ جا اندوھ ۽ ڏُکَ، غم ۽ گوندر لاهي ٿو،
- ۽ سندس نالو ”الرحيم“ آهي جو پاڻ ڏوهارين گنهگارن ۽ بي چَيَن (نافرمانبردارن) ۽ عاصين جا ڏوھ بخشيندڙ آهي.

3. فرمايائين تہ

- ”اللّٰه“ يعطي الرّؤية بغير حجاب،
- ”الرحمٰن“ يرزق الرزق بغير حساب،
- ”الرحيم“ يغفرالذنب بغير عُتاب)،

مطلب تہ

- ”اللهُ“ پنهنجي الوهيت جي ڪرم سان پنهنجي ديدار جون عطائون بنا حجاب ٿو ڪرائي (ڪرائيندو).
- ”الرحمٰن“ پنهنجي خزانن مان رزق ۽ روزيءَ جون عطائون بي حساب ٿو ڪري،
- ۽ ”الرحيم“ پنهنجي فضل سان بنا ڪاوڙ، ڏمَرَ يا عُتاب جي ڏوهه ۽ گناهه بخش ڪرڻ ٿو فرمائي.

4. وري فرمايائين تہ

- ”اللهُ“ لارواح السابقين
- ”الرَّحمٰنُ“ لقلوب المقتصدين،
- ”الرَّحيمُ“ لذنوب الظالمين

مطلب تہ

* پاڻ ”الله“ آهي جنهن جي فضل سان اڳين وڏن درجن تي پهتلن (السابقين) جا روح ناز ٿا ڪن.

* پاڻ ”الرحمٰن“ آهي جيڪو پنهنجي مهر سان مقتصدن (نيڪيءَ جي راهه ۾ وچولي طبقي وارن) جون دليون ٿو پاڻ ڏي راغب ڪري،

* ۽ وري پاڻ ”الرحيم“ آهي جو ظالمن جا گناهہ پنهنجي عفو سان ميٽي، ميساري، ڏوئي ڇڏي ٿو.

5. اهو مٿيون (سابقين، مقتصدين، ۽ ظالمين) وارو اشارو سورة فاطر جي آيت سڳوريءَ ڏانهن آهي جنهن ۾ رب پاڪ فرمايو تہ (ثُمَّ اورثناالكتٰبَ الذين اصطفينا من عِبَادِنَا فَمِنهُم ظَالِمٌ لِّنَفسِهٖ وَ مِنهُم مُقتَصِدٌ و مِنهُم سابق بالخيرات بِاِذن اللّٰه، ذالک هُوالفَضلُ الكبيرُ. (35.32)

امام طبري عليہ رحمت چوي ٿو تہ هن آيت سڳوريءَ ۾ ”اسان جا ٻانها“ (عبادِنا) جي معنىٰ آهي امت محمد ﷺ. پوءِ انهن ٿن ڌُرين مان جيڪي پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارا (ظالم لنفسه) آهن اللّٰه تعالىٰ انهن کي بخش ڪرڻ ٿو فرمائي، جيڪي وچولي درجي وارا (مقتصد) آهن اللّٰه تعالىٰ انهن جا حساب سولا (آسان ٿو ڪري) (يُحاسبهم حسابا يسيرا) ۽ جيڪي چڱاين ۾ اڳراين ڪرڻ وارا (سابقٌ بالخيرات)

آهن تن کي جنت ۾ داخل ڪرڻ فرمائيندو بغير حساب، ۽ اوهين (اي نبي پاڪ ۽ سندس امت) انهن مان آهيو.“

6. وري چئي ٿو تہ

- (مَن سَمع ”اللّٰه“ اورثه شغباً،
- و من سمع ”الرحمٰن“ اورثه طلباً،
- و من سمع ”الرحيم“ اورثه طرباً.

پوءِ

- فاالنفس مع الشغب،
- والقلب مع الطلب،
- والروح مع الطرب.)

مطلب تہ جنهن اللّٰه جو نالو ٻُڌو تہ اُن کي شغب يا جذبي واري حالت ورثي ۾ ملي، جنهن الرحمٰن جو منو نالو ٻُڌو ان کي طلب ورثي ۾ ملي، ۽ جنهن الرحيم جو نالو ٻُڌو ان کي طرب (خوشي ۽ شادمانيءَ) جي ڪيفيت حاصل ٿي.

پوءِ (ان حاصلات جي نتيجي ۾) تن (جسم) جذبي (شغب) سان مصروف (ٿي ويو)، دل طلب

ڦرُڏل (رهي)، ۽ روح خوشيءَ ۾ مشغول ٿي ويو.)

اها ڳالهه ائين سمجهجي جيئن رشيدالدين الميبدوي عليه الرحمة فرمائي ٿو تہ انسان ٽن شين جو مرڪب آهي: تن، دل ۽ روح (جان).

- انسان جو **تن** (جسم) امانت جو محل آهي، ان جي غذا ڪائڻ ۽ پيئڻ آهي.
- انسان جي **دل** خطاب جي بارگاهه آهي ۽ ان جو قُوت دوست (اللّٰه) جو ذڪر ۽ ياد آهي،
- ۽ انسان جو **روح** مشاهدي جو نقط گاهه يا مرڪز آهي ۽ ان جي غذا دوست (رب پاڪ) جو ديدار آهي.

پوءِ

(ان جي نتيجي ۾ ڇا ٿيو؟)

- امانت جي محل "تن" جيئن "اللّٰه" جو خطاب ٻُڌو تہ بيقرار ٿيو.
- محبت جي بارگاهه "دل" جڏهن "الرحمٰن" جو نالو ٻُڌو تہ طلب ۽ شوق جي دائري ۾ داخل ٿي وئي.

- عشق جي نقطه گاھ (مرڪز) ”جان“ جيئن ”الرحيم“ جي نعت جي خوشخبري ٻُڌي تہ رجا (اميد) جي خوشيءَ ۾ طرب (جي حالت ۾) اچي وئي.

اهڙيءَ طرح

* جيڪا رب تعالىٰ وٽان (دنياوي) نعمت حاصل ٿي سا تن تان نثار ٿي.

* جيڪوالله وٽان ٿورو مِنَّت ۽ احسان آيو (نبي پاڪ، قرآن، اسلام ۽ ايمان) سو دل کي تحفو ڪري ڏنائون.

* ۽ اهو جيڪو ديدار رؤيت ۽ مشاهدو مليو سو روح (جان) جي ڀاڱي (نصيب) ۾ آيو.

(هاڻي حالت اها وڃي بيٺي جو

* تن قدرت جي قهر (قبضي) هيٺ،

* دل صفت (الرحمٰن) جي قبضي ۾،

* روح رب العِزَّت جي حفاظت يا نگهبانيءَ (ڪنف) ۾،

* اُنس جي بساط وڇايل آهي،

* عطف جي شمع روشن آهي،

* ۽ دوست ازليءَ پردو هٽائي ڇڏيو آهي. (الله سان محبت رکڻ وارو لقاءَ الله ۾ مشغول آهي.)

(2)

## قرآن جي موعظة، شفاءَ، هُدیٰ، ۽ رحمة هُئڻ

## ۽ ان ۾ الله جي فضل هُئڻ جون معنائون

**(يا اَيُّهاالناس قد جاءَتكم موعظة من ربكم و شفاءُ لما في الصدور و هُدي و رحمةُ لِلّمُؤمِنِين. قُل بِفَضلِ اللهِ وَ بِرَحمَتِهِ، فبذالک فليفرحوا، هو خير مما يجمعون.) (يونس 57 ۽ 58)**

يعني "اي انسانؤ، بيشک اوهان وٽ نصيحت (موعظت) آئي آهي اوهان جي رب پاک وٽان ۽ شفاءَ جيکي اوهان جي سينن (دلين) ۾ (بيماريون آهن) انهن لاءِ ۽ هدايت ۽ رحمت (آئي آهي) مؤمنن لاءِ. چئو (اي نبي پاک

ﷺ (سيني انسانن کي، خصوصاً ان وقت جي مکي وارن نہ مجيندڙ قريشين کي، توڙي سيني زمانن جي سڀني جهان جي مسلمانن مؤمنن کي) تہ (هيءُ قرآن اوهان وٽ جيکو نصيحت، شفا، هدايت، ۽ رحمت ٿي آيو آهي سو) الله جي مهربانيءَ سان (ٿيو آهي). پوءِ انهيءَ تي (ايمان وارا) ڀل تہ خوش ٿين. هيءُ (قرآن) بهتر آهي ان کان جيکو گڏ ٿا کن.“

سورة يونس ۾ کشف الاسرار ۾ رشيدالدين الميبدي انهن ٻن آيتن سڳورين جو تفسير کري ٿو جنهن ۾ رب پاڪ قرآن جي موعظة، شفا، هُدي، ۽ رحمة هئڻ جي ڳالهہ بيان فرمائي آهي، ۽ پنهنجي فضل ۽ رحمة تي مؤمنن کي خوش ٿيڻ جي تلقين فرمايائين.

مطلب تہ (هيءُ قرآن) اوهان جي رب پاڪ وٽان اوهان لاءِ نصيحت (پند) جي حيثيت سان آيو آهي، ۽ (اوهان جي دلين ۾ جيکا تنگي يا بيماري آهي) ان لاءِ شفا (دارون ۽ درمل، ٻاجهہ جي ٻُکي) ٿي آيو آهي، ۽ اهو قرآن اوهان لاءِ

رستو ڏيکاريندڙ هدايت جو ذريعو ٿي آيو آهي، ۽ مؤمنن لاءِ رحمت (جو ذريعو) ٿي آيو آهي. چئو تہ (اهو سڀ ڪجهہ) اللّٰہ جي فضل سان ٿيو آهي ۽ سندس رحمت سان ائين ٿيو آهي. پوءِ انهيءَ ڳالهہ تي پلي تہ (مومن) خوشيون ملهائين، خوش ٿين. اهو اللّٰہ جو فضل وڏيک بهتر آهي انهن (دنياوي خزانن کان) جيڪي جمع ٿا ڪن.“

علامه الشيخ احمد الصاوي تفسير جلالين جي حاشيه ۾فرمائي ٿو تہ مؤعظة وعظ مصدر ذڪر ۽ ارشد جي معنیٰ ۾ آهي ان مان (نصيحت وٺي) چڱن عملن (محاسن الاعمال) (اختيار ڪرڻ) مان نفعو حاصل ٿو ٿئي، ۽ جيڪي بُڇڙا (قبيح) عمل آهن انهن کي قرآن جي نصيحت اختيار ڪرڻ ڪري ڇڏڻ جو جيڪو دڙڪو آهي ان جي ڪري اهڙن عملن کي ڇڏڻ مان ماڻهو ٽوٽي (ضرر، نقصان) کان بچي ٿو.

شيخ الصاوي عليه الرحمة چوي ٿو تہ اها مؤعظت يا نصيحت اللّٰه وٽان آهي جو اهو قرآن اللّٰه وٽان پنهنجي ٻانهن لاءِ نازل ٿو ٿئي ۽ اللّٰه تعالىٰ فرمايو آهي تہ اهڙي فداءِ، صدقي يا قرباني ڏيڻ مان ڪو بہ فائدو ڪونهي جيڪو آخرت ۾ ڏجي پر جيڪو فداءِ صدقو يا قرباني هِنَّ دنيا ۾ ڏنو ويندو انهيءَ مان (آخرت ۾) فائدو ضرور حاصل ٿيندو.

صدور (سينن) جي معنىٰ قلبن (دلين) جي آهي ۽ ان مان شفاءِ جي مراد اها آهي تہ قرآن اهو واعظ ۽ نصيحت آهي جنهن مان قلبن مان ساڙ، نفرت ۽ بدخواهي (حقد) ۽ حسد ۽ بغض ۽ فاسد عقيدن جهڙا جذبات ڪڍي ٿو ڇڏي. ۽ جيڪو فرمايائين تہ قرآن هدايت (هُدىٰ) آهي تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ اُهو ڪاملن جي قلبن مان نڪرندڙ نور آهي جيڪو حق ۽ باطل ۾ تميز (فرق) ڪري ٿو.

امام الصاوي وڌيڪ فرمائي ٿو تہ انهن آيتن ۾ شريعت، طريقت، ۽ حقيقت ڏانهن اشارا آهن.

- انهن آيتن ۾ **شريعت** ڏانهن اشارو انهيءَ ۾ آهي جو فرمايائين تہ (قد جآءَتكم مؤعظة من ربكم) انهيءَ ڪري جو شريعت سان ظاهري ڳالهين جي تطهير (پاڪائي) ٿئي ٿي.
- ۽ انهن آيتن ۾ **طريقت** ڏانهن اشارو اهو آهي جو فرمايائين تہ (شفاءُ لما في الصدور) انهيءَ ڪري جو طريقت اها آهي جنهن سان لڪل يا ڳُجهين اندروني (باطني) ڳالهين جي پاڪائي تطهير ٿي ٿئي جيڪي بظاهر ڏسڻ ۾ نٿيون اچن، يا پڌريون ناهن.
- وري انهن آيتن ۾ **حقيقت** ڏانهن اشارو اهو آهي جو فرمايائين تہ (هدي و رحمة للمؤمنين) انهيءَ ڪري جو حقيقت اُها تجلي آهي جنهن جي قلبن تي پوندڙ پڌرن چمڪندڙ ڪرڻن (التجلي بالانوار الساطعة) سان (سالڪَ) شين جي اصل حقيقت ڏسي

ٿو جنهن تي اُهي (اصلئون ناهيو ويون آهن). پوءِ ان ڪري اُهو سالڪ هر شي ۾ الله ڪي ڏسي ٿو. جيئن مُرشد لطيف اکڙين جي انهيءَ ڪيفيت جو ذڪر فرمايو ته

آهي اکڙين عجب پَرِ پسڻ جي
تان پڻ پرين پسن ڪٺان جي خر سامهون

۽ هر شي ۾ (رب پاڪ کي) ويجهو ڏسڻ (جي اها ڪيفيت) ذوقيه علم سان حاصل ٿي ٿئي، اها يقيني علم سان حاصل ڪانه ٿي ٿئي. پوءِ الصاوي رحمة الله عليه چوي ٿو ته حقيقت ڦل (ثمرو) آهي طريقت جو جيڪا طريقت ۽ شريعت تي نهيل اخلاق (تخلق الطريقة والشريعة) اختيار ڪرڻ ڪان سواءِ حاصل نه ٿي ٿئي. ان ڪري چون ٿا ته شريعت ڪان سواءِ حقيقت باطله (ڪُوڙي، ردّ) آهي ۽ شريعت حقيقت ڪان سواءِ خالي يا بُتي (عاطله) آهي (جيئن هار سينگار ڪان وانجهي (بُتي) عورت هوندي آهي). پوءِ پلي ته الله جي فضل تي خوش ٿين (فليفرحوا) "پوءِ خوش ٿين" جو

مطلب آهي تہ جيڪي هنن سهڻين اڳواٽي ڪندڙ صفتن سان متصف آهن انهن کي ڪپي تہ جيڪي نعمتون اللّٰه تعالىٰ مٿن انعام ڪيون آهن انهن جي عيوض رب پاڪ جو شڪرانو ادا ڪن (ان تي ”آڪڙ“ نہ ڪن جيئن فرحوا جي ٻي منفي آهي، جو اللّٰه سيني آڪڙو هٺيلن کي ناپسند فرمائي ٿو.) شڪراني ادا ڪرڻ جو طريقو اهو آهي جو پنهنجي روح ۽ جسم سان ان رب جي خدمت ڪري تان جو سندس قلب ۾ اللّٰه تعالىٰ پنهنجي محبت جو نور روشن ڪري جو سندس خدمت ۾ جسم جو افناءَ (فنا ڪرڻ) مٿس واجب ٿي وڃي تہ جيئن اللّٰه تعالىٰ مٿس پنهنجو نور مڪمل ڪري ۽ سندس سُرور وڌائي ۽ اِها محبت اهڙي آهي جنهن جي پيڻ (شرب) جو ذڪر عارفن ڪيو آهي. ان جي معنىٰ اها آهي جيئن اللّٰه تعالىٰ سورة الجن ۾ فرمايو تہ (و اَن لَّوِاستقاموا عَلَي الطريقة لَاَسقينٰهُم مَّاءً غدقا لنفتنهم فيه.) (71.16) ” ۽ اهو تہ جيڪڏهن طريقت جي سڌي رستي تي

هلڻ ۾ پختگي (استقامت) اختيار ڪن تہ اُنهن ڪي جام اگوندرو آب هوند پياريون، جيئن آزمايون انهن ڪي ان ۾...) پوءِ الصاوي عليه الرحمة رب پاڪ کان دُعا گهرڻ سيکاري ٿو.

(فنسال الله تعالىٰ ان يجعلنا من اهل محبته و ان يحشرنا في زمرة اهل قربه و مودته)

يعني پوءِ انهيءَ ڪري هاڻي اسين رب تعالىٰ کان سوال ٿا گهُرون تہ ”اسان کي ساڻس محبت ڪرڻ وارن مان ڪري ۽ (قيامت جي ڏينهن) اسان کي ساڻس قرب رکڻ وارن ۽ ساڻس مودة رکڻ وارن جي زمري ۾ (جيئرو ڪري، اُٿاري) گڏ ڪري.“

الميبدي رحمة الله عليه چوي ٿو تہ رب پاڪ هنن ٻن آيتن ۾ قرآن ڪريم جون چار صفتون بيان فرمايون آهن.

1. قرآن کي ”موعظت“ (نصيحت) سڏيائين جو ان ۾ وعظ بہ آهي ۽ دڙڪو (زجر) بہ. اهڙيءَ طرح اطاعت ڪرڻ وارو (مطيع)

قرآن مان نصيحت حاصل ڪندو ۽ ان جذبي هيٺ پنهنجي اطاعت جي ڪمن ۾ واڌارو ڪندو ۽ گنهگار (عاصي) قرآن جي دڙڪي مان نصيحت وٺندو ۽ معصيت (نافرماني) ۽ گناهن کان پاسو ڪندو.

2. وري انهيءَ قرآن کي ”شفاءَ“ سڏيائين انهي ڪري جو جهالت جي بيماري ۽ درد لاءِ اهو قرآن دارون آهي ۽ شڪ جي بيماريءَ لاءِ درمان آهي.

3. وري قرآن کي ”هُدیٰ“ سڏيائين جو ڌارئين (بيگاني) کي سنئين واٽ ڏانهن سڏي ٿو، هدايت ڪري ٿو ۽

4. وري قرآن کي ”رحمت“ سڏيائين جو سُڄاڻوءَ (جنهن کي اڳ ئي ايمان مليل آهي) اُن کي (قرآن تي هلڻ سان) سڌيءَ واٽ تي ٿو هلائي.

اهڙيءَ طرح هيءُ قرآن هدايت لاءِ سبب آهي ۽ نجات جو وسيلو آهي. مؤمنن لاءِ رحمت آهي ۽ رب کان ڊڄندڙن (خائفن) لاءِ نصيحت ياد

ڏيارڻ (تذڪرو) آهي، ۽ دوستن لاءِ تبصرو (گهري سوچ ويچار سان سمجهڻ ( Perception and insight) جو ذريعو آهي.

ڪن عالمن چيو تہ "رحمةُ للمؤمنين" مان مراد آهي تہ الله وٽان محمد صلي الله عليه وسلم جي اصحابن يارن (۽ سندس امت) لاءِ هڪ وڏي نعمت آهي (نعمة من الله لاصحاب محمد صلي الله عليه وسلم.)

چيائين تہ "قل" چئو يا محمد (للمؤمنين) مؤمنن کي تہ "بفضل الله و برحمته، فبذالک فليفرحوا." فرمائي ٿو تہ خدا جي فضل سان (ائين ٿيو آهي جو اوهان تي هيءُ قرآن لٿو آهي) ۽ الله جي رحمت سان ائين ٿيو آهي (جو هيءُ قرآن اوهان تي لٿو آهي)، ان ڪري هاڻي اوهان خوش ٿيو ... ان ڪري جو قرآن ۽ ايمان جا جيڪي نفعا (فائدا) آهن سي ان جي صاحب لاءِ (پڙهندڙ لاءِ ۽ عمل ڪرڻ واري لاءِ) باقي رهڻ وارا آهن ۽ دنيا جي مالن ۽ دولتن جا جيڪي نفعا آهن سي نيٺ هتي ئي فنا ٿيڻ

وارا آهن ۽ انهن جي صاحب لاءِ آخرت ۾ ندامت جو سبب ٿيڻ وارا آهن.

”فضل“ ۽ ”رحمت“ جو وري تفسير اهو آهي جو

1. مصطفیٰ عليه الصلاة والسلام فرمايو تہ هتي اللّٰه جي فضل سان (بفضل اللّٰه) جو مطلب قرآن آهي، ”و برحمته“ جو مطلب آهي تہ (ان جعلكم من اهله.) ۽ اها اللّٰه جي رحمت آهي جو اوهان کي قرآن وارو ڪيو اٿس (قرآن پڙهندڙ، ان تي عمل ڪندڙ، ان جو اهل ڪيو اٿس.) قرآن اللّٰه جو فضل آهي ۽ جيڪو ان (قرآن) جو ساٿي ٿيو سو (پنهنجي ڪوشش يا مرضيءَ سان نہ پر) اللّٰه جي رحمت جي ڪري ان جو ساٿي ٿيو. مٿس اللّٰه جي رحمت آهي جو هو قرآن ڏانهن متوجه ٿئي ٿو ۽ ان کي پڙهي ٿو ۽ ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ان تي عمل پيرا ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. قرآن ڏانهن سندس اها رغبت سندس

چاهڻ يا ڪوشش ڪرڻ جي نتيجي ۾ ناهي پر رب جي فضل ۽ رحمت جي نتيجي ۾ آهي.)

2. عبدالله ابن عباس (رضي الله عنهما) فرمايو تہ هتي الله جي فضل جي معنىٰ آهي ”ايمان“ ۽ سندس رحمت ”قرآن“ آهي.

3. (عبدالله) ابن عمر رضي الله عنهما فرمايو تہ الله جو فضل ايمان آهي، ۽ سندس رحمت اها آهي جو ايمان قلبن ۾ سينگاريائين جيئن الله تعالىٰ فرمايو تہ (و لاڪن الله حبب اليڪم الايمان و زينه في قلوبڪم) (49.7) ”پر اهو الله آهي جنهن اوهان جي دلين ۾ ايمان جي محبت وِڌِي آهي ۽ اُنَّ (ايمان ۽ قرآن) کي اوهان جي دلين ۾ سينگاريو اٿس“ (جو اوهان کي قرآن سهڻو ٿو لڳي ۽ ان جو پڙهڻ اوهان کي ايتري قدر وڻي ٿو جو اوهان ان کان الڳ ٿيڻ نٿا چاهيو.)

4. سهل بن عبدالله رحمة الله عليه چيو تہ الله جي ”فضل“ جو مطلب ”اسلام“ آهي، ۽ سندس رحمت ”رسول الله جي سنت“ آهي.

5. ڪن چيو تہ الله جي ”فضل“ مان مراد ”ظاهر جون نعمتون“ آهن ۽ سندس ”رحمت“ مان مراد ”باطني نعمتون“ آهن. (فضل الله النعم الظاهره و رحمته النعم الباطنة) جيئن الله تعالىٰ فرمايو تہ (وَ اَسبَغ عليڪم نعمهُ ظاهرة و باطنة.) (31.20) ”جو اوهان تي پنهنجون ظاهري نعمتون ۽ پنهنجون باطني رحمتون پوريون ڪيائين.“

6. ۽ ڪن چيو تہ سندس فضل اهو آهي جو پاڻ فرمايائين تہ (ان الذين سبقت لهم منا الحسنىٰ) ”بيشڪ اهي اُهي آهن جن لاءِ اسان جي طرفان چڱائي (اول کان ئي) مُقرر ٿي“ ۽ سندس رحمت اها آهي جو فرمايائين تہ (اولائڪ عنها مُبعدون) ”اهي اُهي آهن جيڪي ان (دوزخ) کان پري ڪيا ويندا.“ (21.101)

7. **كن چيو تہ اللّٰہ جو فضل "قرآن" آهي جو اللّٰہ تعالىٰ قرآن کي القرآن العظيم سڏيو آهي ۽ ان جي موڪلڻ کي سندس "عظيم فضل" سڏيو اٿس (فضل اللّٰہ القرآن لان اللّٰہ تعالىٰ سمَّي القرآن عظيما و سمي فضله عظيما) جيئن اللّٰہ تعالىٰ فرمايو تہ (ولقد آتيناک سبعا من المثاني و القرآن العظيم).**(15.87) **"اسان تو تي ست وري وري پڙهجنڌڙ آيتون لاٿيون آهن ۽ توتي وڏو قرآن آندو اٿئون." ۽ اللّٰہ تعالىٰ فرمايو تہ (و کان فضل اللّٰہ عليک عظيما.)** (4.113) **"بيشڪ اللّٰہ جو فضل توتي وڏو آهي." پوءِ جيئن فرمايائين تہ اوهان تي اللّٰہ جو فضل عظيم آهي جو اوهان ڏانهن قرآن العظيم آندو اٿس (لاٿو اٿس). ۽ سندس رحمت "محمد مصطفىٰ" پاڻ آهي جيئن پاڻ فرمايائين (و ما ارسلناک الا رحمة للعٰلمين)** 21.107 **"توکي اسان نہ موڪليو آهي (ڪنهن ٻئي مقصد سان) پر جهانن تي رحمت ڪري." ۽ جيئن**

پاڻ نبي پاڪ (صلي الله عليه وسلم) فرمايو آهي ته (انّما انا رحمةٌ مُهداةٌ) ”بيشڪ آءٌ رحمت آهيان هدايت جو ذريعو.“

8. ۽ چيائين ته فضل الله ائين آهي جو الله تعاليٰ فرمايو ته (حبب اليكم الايمان) 49.7 اوهان جي دلين ۾ ايمان کي محبوب ڪيو اٿس ۽ سندس رحمت اها آهي جو فرمايائين ته (كرّه اليكم الكفر). 49.7 جو ڪفر جي ڳالهين کي اوهان جي دلين ۾ ناوڻندڙ ڪيو اٿس. (مطلب ته جڏهن چڱائي ڏسجي يا ڪجي ته ان سان دل خوش ٿئي ته سمجهجي ته ايمان جي چٽنگ اجا موجود آهي ۽ جڏهن بڇڙائي ڏسجي ته دل کي ڪراهت لڳي يا اها ڳالهه دل کي نه وڻي ته سمجهجي ته اجا ايمان جي چٽنگ موجود آهي. پر جي چڱائي ڪندي ڪراهت اهڪائي ٿئي ۽ بُڇڙائيءَ تي دل خوش ٿئي ته سمجهجي ته ايمان جي چٽنگ اُجهامي وئي آهي.)

9. ۽ ڪن چيو تہ اهو سندس فضل آهي جو چڱاين کي پڌرو ٿو ڪري ۽ سندس رحمت اِها آهي جو پاڻ پنهنجي رحمت سان مداين کي ڍَڪي ۽ ميساري ٿو. (فضله اظهار الجميل، و رحمته ستر القبيح). ۽ ان ڪري دعا سيکاريائين تہ چئو (يامن اظهر الجميل و ستر علي القبيح) يعني "اي رب پاڪ تون جيڪو سهڻائپن کي پڌري ڪرڻ وارو آهين ۽ بڇڙاين قبيح ڳالهين کي ڍڪڻ وارو آهين." (ان ڪري منهنجون چڱايون وڏاءِ پڌريون ڪر ۽ منهنجا عيب ڍڪ.).

10. ذُوالنون المصري (رحمة اللّٰہ عليه) چيو تہ رب جي رحمت عام آهي جو فرمايائين تہ (و رحمتي وسعت كل شيءٍ) (7.156) يعني "منهنجي رحمت هر شي تي ڇانيل آهي." ۽ سندس فضل خاص آهي جو فرمايائين تہ (و بشرالمؤمنين بانَّ لهم من اللّٰہ فضلاً كبيرا.) 33.47 يعني "مؤمنن کي خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ اللّٰہ وٽان وڏو فضل آهي"

(هن دنيا ۾ ۽ آخرت لاءِ بہ وڏو فضل تيار آهي.)

الماوردي رحمة الله عليه پنهنجي تفسير ۾ (قل بفضل الله و برحمته) جون چار معنائون ڄاڻايون آهن.

1. تہ الله جو فضل الله جي معرفت (سڃاڻپ) آهي ۽ سندس رحمت سنديس توفيق آهي. (ان فضل الله معرفته، و رحمته توفيقه). يعني مؤمن الله کي سڃاڻي اهو سندس فضل جي ڪري آهي ۽ قرآن سان واسطي رکڻ جي جيڪا توفيق کيس حاصل ٿئي سا الله جي رحمت آهي.)
2. الماورديءَ (رحمة الله عليه) ابن عباس، زيد بن اسلم ۽ الضحاک وٽان ٻيو قول بيان ڪيو تہ الله جو فضل "قرآن" آهي ۽ سنديس رحمت "اسلام" آهي.
3. الماوردي ٽيون قول الحسن (البصري)، مجاهد ۽ قتاده جو ڏنو آهي تہ الله جو فضل اسلام آهي ۽ سنديس رحمت قرآن آهي.

4. اهو جو رب پاڪ فرمايو تہ ”فبذالڪ فليفرحوا“ ان جو مطلب اهو آهي تہ مؤمنن کي چئن شين تي خوش ٿيڻ کپي: مغفرت جي ڪري ۽ توفيق جي ڪري (اهي ٻئي پهرئينءَ سَٽَ) ۽ وري خوش ٿيڻ کپي اسلام ۽ قرآن جي اچڻ جي ڪري.

الماوردي حضرت ابن عباس (رضي الله عنهما) جو قول نقل ڪيو آهي جو چيائين تہ ”اي قريش اوهين خوش ٿيو جو محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وسلم اوهان مان آهي.“

الميبدي رحمة الله عليه انهن آيتن جي تفسير ۾ فرمائي ٿو تہ الله تعالىٰ تقدس جي صاحب جو جيڪو قول آهي تہ (يا ايها الناس) ”اي ماڻهؤ، اي انسانؤ“ تہ ان سان خداوند بزرگوار جبار ڪردگار جل جلاله چوي ٿو تہ اهو سڏ عام آهي ۽ سيني کي ٿو ڪوني تہ جيئن جنهن کي وڻي سو ٻُڌي جنهن کي نہ وڻي سو نہ ٻُڌي. وري جنهن کي وڻي سو سڏ

ورنائي، ان جو جواب ڏئي. (جنهن کي وڻي سوغافل رهي ۽ جواب نه ڏئي!)

- سيني (ڪافرن توڙي مؤمنن) کي ساڳيو سَڏُ جاري ڪري ٿو پوءِ جنهن کي وڻي سو سڏُ ورنائي، جنهن کي وڻي سو جواب ڏئي چاهي سو جواب ڏئي.
- هاڻي ڏسو ته سڏ عام آهي ۽ بار ڏيڻ (ورنائڻ، جواب ڏيڻ) خاص آهي.
- دعوت عام آهي ۽ هدايت خاص آهي.
- فرمان عام آهي ۽ توفيق خاص آهي.
- اعلان عام آهي ۽ قبول خاص آهي.
- ائين ناهي ته جنهن کي به سڏيائين تنهن کي چاهيائين. (يعني سڀ سڏيل چاهيل ناهن) چوي ٿو ته نٿو ڏسين چا ته فرمايائين ته (والله يدعوا الیٰ دارالسلام و يهدي من يشآءُ الیٰ صراط مستقيم.) (10.25) ”الله ته سڀ ڪنهن کي سلامتيءَ واري گهر ڏانهن ٿو سڏي (پر) سڌي رستي تي هلڻ جي هدايت جنهن کي وڻيس تنهن کي ٿو ڏئي“.

۾ پاڻ فرمايائين تہ (والله يدعوا الي الجنة والمغفرة باذنه (2.221) ”الله پنهنجي اذن يا حڪم ۾ مرضيءَ سان جنت ۾ بخشش ڏانهن ٿو سڏي.“

- وري جن کي نٿو چاهي (يعني جيڪي اڻ چاهيلَ آهن) انهن کي جڏهن سڏي ٿو سو حجت پوري ڪرڻ لاءِ ٿو سڏي (تہ متان قيامت جي ڏينهن چون تہ اسان کي ان ڳالهہ جي خبر ڪانہ هُئي، انهيءَ ڳالهہ ڪان تہ اسين غافل هُئاسين.) جيئن پاڻ فرمايائين (ان تقولوا يوم القيٰمة انا كنا عن هٰذا غافلين.) (الاعراف 7.172) ۾ چاهيل کي ٿو سڏي قربت لاءِ.
- (اهڙيءَ طرح) ظاهري طور سڏ تہ هڪڙوئي آهي پر باطن ۾ سَڏُ سَڏُ ڌارو ڌارآهي. (اڻ چاهيل لاءِ اهوئي سڏ بي معنىٰ آهي جو ٻُڌيئي نٿو، چاهيل لاءِ اهوئي سڏ بامعنىٰ آهي جو ٻُڌي هِئين (دل) سان هَنڊائي ٿو ۽ ان تي عمل پيرا بہ ٿئي ٿو.)

فرمايائين تہ ”يا ايهاالناس“ اي ماڻهؤ ”قد جاءَتكم موعظة من ربكم“ جيڪي اوهان وٽ آيو آهي اهو اوهان جي رب وٽان موعظة يا نصيحت آهي. يعني قرآن جيڪو مؤمنن لاءِ ياد ڏياريندڙ آهي. ٻئي هنڌ فرمايائين تہ (و ذكرىٰ للمؤمنين) مؤمنن لاءِ يادگيري ڏياريندڙ آهي ۽ (اهو قرآن) عارفن جو مؤنس (ساٿي) آهي، ۽ محبن لاءِ دارون دوا آهي ۽ مشتاقن لاءِ آسائش آهي. ۽ فرمايائين تہ (و شفاءُ لما في الصُدور) بيمار دلين لاءِ شفاءَ آهي ۽ ڪِڙتين ۽ اندوهن ۾ ڦاٿلن لاءِ آسائش جو سامان آهي.

- ٻئي هنڌ فرمايائين (وننزل من القرآن ما هو شفاءٌ و رحمة للمؤمنين) (17.82) قرآن دردن لاءِ شفاءَ آهي، علتن لاءِ دارون آهي، ۽ غمن کي ڌوئيندڙ آهي، ۽ دلين جي اونداهين لاءِ ڏيئو آهي.
- ۽ قرآن توحيد جو ڏيئو آهي جو ڪافرن جي دلين مان ڪفر جي تاريڪي ڪڍي ٿو ۽ کين ايمان ڏانهن راغب ٿو ڪري.

- قرآن اخلاص جو ڏيئو آهي جو منافقن جي دلين مان شڪ جي اونداهين کي ڪڍي پاڪ ۽ روشن ٿو ڪري ۽ پڪ ۽ يقين ڏانهن ٿو وٺي وڃي.
- قرآن ارشاد جو ڏيئو آهي جو مبتدئين (سيکڙاٽ سالڪن) جي دلين مان حيرت ۽ وحشت جي اونداهين کي ڪڍي ٿو ڇڏي ۽ يقين واري سڪون ڏانهن وٺي ٿو وڃي.
- قرآن هدايت جو چراغ آهي جو متحيرن جي دلين مان جِهِلَ جي تاريڪين کي ڪڍي، ڪين سجاڻپ ۽ ساڃاهه جي روشنين ڏانهن وٺي ٿو وڃي.
- قرآن رضا جو چراغ آهي جو بخيلن جي دلين مان بُخل (لالچ لوڀ، هبچ ۽ ڪنجوسائپ) (شُحَّ) جي اونداهيءَ کي ڪڍي، عطا، سخا، جود ۽ ڪرم ڏانهن وٺي ٿو وڃي.) (ومن يُّوق شُّح نفسه فاُولائک هم المفلحون) (الحشر 59.9 ۽ التغابن 64.16) جنهن شخص بُخل ڪنجوسائپ ۽ لالچ ۽

لوڀ ڪان پاڻ بچايو سو ڪامياب ٿيو ۽ ان فلاح يا نجات حاصل ڪئي.

- قرآن عنايت جو چراغ آهي جيڪو متعلقن (ساڻس تعلق واسطو رکندڙن) جي دلين مان (دنياوي) اسباب جي تاريڪيءَ کي ڪڍي ٿو ڇڏي، (رب جي رضا تي توڪل ڪرڻ ٿو سيکاري جيئن مرشد شاهه عبداللطيف سائين چيو تہ "ويچاريءَ واري وِڏا ڪمَّ ڪريم تي.")

۽ اهو جو اللّٰه تعالىٰ فرمايو تہ (و شفاءٌ لما في الصدور). يعني جيڪي قبيح ناپسنديده شيون آهن انهن لاءِ قرآن کي اللّٰه تعالىٰ شفاءَ بنايو آهي.

قرآن ۾ ٽن قسمن جي شفا جو بيان آهي: هڪڙي شفاءَ عام آهي، ٻي شفاءَ خاص آهي، ۽ ٽي شفاءَ خاص الخاص آهي.

- شفاءَ عام اها آهي جو فرمايائين تہ (فيه شفاءُ للناس) (16.69) (ماڪيءَ ۾) انسان ذات لاءِ شفاءَ آهي.

• وري شفاءَ خاص اها آهي جو فرمايائين تہ (وننزل من القرآن ما هو شفاءٌ و رحمة للمؤمنين) (سورة بني اسرائيل 17.82) اسان جيڪو قرآن نازل فرمايو آهي اهو مؤمنن لاءِ شفاءَ ۽ رحمت ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي، (البتہ ظالمن لاءِ ٿوٽي خساري ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو وڌائي.)

• خاص الخاص شفاءَ اها اهي جو (حضرت ابراهيم فرمايو تہ (و اذا مرضت فهو يشفين) سورة الشعراءَ 26.80. "جڏهن آءٌ (پنهنجي ڪرتوتن جي ڪري) بيمار ٿو ٿيان تہ هو مونکي شفاءَ ٿو بخشي، چاق چڱو ڀلو ٿو ڪري."

چوٿين ڳالھ رحمت سا سيني لاءِ آهي. پوءِ سندس رحمت سان ان ڳالھ ۾ لڳا رهو.

- چيائين تہ عام شفا سا رب تعالىٰ جي نعمت آهي.
- خاص شفاءَ سو سندس ڪلام آهي.

- خاص الخاص شفاءَ رب پاڪ پاڻ آهي جنهن جي لقاءَ يا ديدار ۾ عارفن جي شفاءَ آهي.

هن آيت ۾، جيئن اڳي چيو ويو، قرآن ڪريم جون چار صفتون بيان ڪيون ويون آهن: موعظت، شفاءَ، هُدي، ۽ رحمت.

- موعظت عوام لاءِ آهي.
- شفاءَ خواص (اللّٰه جي خاص بندن، ٻانهن) لاءِ آهي.
- هُدىٰ خاص الخاص لاءِ آهي.
- ۽ رحمت سڀني (همگنان) لاءِ آهي.

(وننزل من القرآن ما هو شفاءٌ) جو تفسير ڪندي الميبدي رحمة اللّٰه عليه ٻُڌائي ٿو تہ قرآن عالمن، مؤمنن، عارفن، مريدن ۽ قاصدن، ۽ محبن لاءِ سندن مرتبن ۾ رڪاوٽ ڪندڙ (حائل) مرضن ۽ بيمارين لاءِ شفاءَ آهي

- القرآن شفاءُ من داءِ الجهل لِلعُلماءِ
- وشفاءٌ من داءِ الشک للمؤمنين

- و شفاءٌ من داءِ النُّكرة للعارفين
- و شفاءٌ من داءِ القنوط للمريدين والقاصدين
- و شفاءٌ من لواعج الشوق للمحبين

مطلب تہ

- عالمن لاءِ قرآن جهل (اڻ ڄاڻائپ) جي مرض کان شفاءَ آهي.
- مؤمنن لاءِ قرآن شڪ جي مرض کان ڇوٽڪارو (شفاءَ) آهي.
- عارفن لاءِ قرآن نَڪرت جي مرض کان شفاءَ آهي.
- مُريدن ۽ قاصدن لاءِ قرآن شفاءَ آهي قنوطيت (الله جي رحمت کان مايوسي يا نااميديءَ) جي مرض کان.
- مُحبن لاءِ قرآن شفاءَ آهي شوق جي ٻرندڙ اُماڙين (جي مرض) کان.

حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ (من لَّم يستشف بالقرآن فلا شفاهُ الله) جنهن کي قرآن مان شفا حاصل نہ ٿي تہ ان لاءِ الله وٽان شفا ناهي.

- فرمايائين تہ (ما هو شفاءٌ) من كل داءٍ لما فيه البركات و يدفع اللّٰه به كثيراً من المكاره) اهو قرآن هر مرض كان شفاءَ آهي ان ڪري جو ان ۾ گهڻيون برڪتون آهن ۽ اللّٰه ان سان گهڻا ڏُک ۽ اُهڪايون (ڪراهيت واريون حالتون، مڪاره) هٽائي ٿو، دفع ڪري ٿو.

الميبدي رحمة اللّٰه عليه فرمائي ٿو تہ اي پڙهندڙ توکي ڄاڻڻ گهُرجي تہ هر ڪنهن لاءِ شفاءَ سندس درد يا ڏُک جي اندازي مطابق آهي:

- گنهگارن لاءِ شفاءَ رب تعالىٰ جي رحمت ۽ بخشش ۾ آهي.
- مُطيعن (اطاعت ڪندڙن، فرمانبردارن) جي شفاءَ (اللّٰه جي) نعمتن حاصل ٿيڻ ۾ آهي.
- عارفن جي شفاءَ قربت (ويجهڙائپ) جي واڌاري ۾ آهي،

- ۽ واجدن (ڳولهيندڙ سالڪن) جي شفاءَ رب پاڪ جي حقيقت جي شهود (ڏسڻ) ۾ آهي.
- ۽ محبن جي شفاءَ قرب ۽ مناجات ۾ آهي.

(قل بفضل الله و برحمته) يا محمد مؤمنن کي خوشخبري (بشارت) ڏي. انهن کي چئو تہ منهنجي فضل ۽ رحمت سان خوش هجو. <u>**ايمان، قرآن، اسلام ۽ محمد**</u> اوهان لاءِ چارئي گرامي (عزت ۽ شرف وارا) ڪيا اٿم، انهن چئن تي اوهان ناز ڪيو، فخر ڪيو. منهنجي يادگيريءَ (ذڪر) سان انس ڪيو، منهنجي وعدي تي اڪيون (آسرو) رکو، منهنجي درگاه تي (اچڻ جي) پاڻ ۾ عادت (خوءِ) وجهو (يعني منهنجي درگاه ۾ حاضر ٿيڻ تي پاڻ کي هيرايو)، منهنجي ذڪر سان آرام وٺو، منهنجي (حساب ڪتاب، جنت ۽ دوزخ واري) وعدي کي جان سان سانڍيو، منهنجي مهر ۽ ٻاجھ تي ناز ڪيو.

منهنجو ٻانهو خوش اهو آهي جيڪو مون سان خوش آهي. سندس ڪا خوشي خوشي ناهي سواءِ انهيءَ خوشيءَ جي جيڪا مون سان گڏ هئڻ سان (ڪيس حاصل ٿيندي) هجي. اهو خوش نہ رهندو جيڪو مون سان خوش ناهي. ٻانهي ڪي ٻہ خوشيون آهن. اڄ منهنجي ڪري خوش آهي، سڀاڻي مون سان گڏ ٿيڻ سان خوش هوندو.

۽ چيائون تہ "فضل الله و رحمته" اهو اشارو آهي تہ "اي منهنجا ٻانها منهنجي فضل ۽ رحمت تي اعتماد يا ڀروسو ڪر، ان جي برعڪس پنهنجي طاعت ۽ خدمت تي ڀروسو نہ ڪر. انهيءَ ڪري جو ٻيو ڪو ڀروسو ڪونهي سواءِ منهنجي فضل جي، ٻي ڪا آسائش ناهي سواءِ منهنجي رحمت جي."

- جاڻ تہ هر ڪنهن ڪي ڪونہ ڪو مال ۽ دولت (مايه) آهي ۽ مؤمنن جو مال ملڪيت ۽ مايو منهنجو فضل آهي.

- ڄاڻ تہ هر ڪنهن ڪي ڪو نہ ڪو خزانو آهي ۽ درويشن جو خزانو منهنجي رحمت آهي.
- هر ڪنهن ڪي ڪو نہ ڪو تڪيه گاھ آهي جنهن تي توڪل يا ڀروسو ڪري، ۽ عارفن جو تڪيہ گاھ منهنجو سبق آهي.
- ڄاڻ تہ هر ڪنهن ڪي ڪونہ ڪو گنج (خزانو) آهي، ۽ توڪل رکڻ وارن (متوڪلن) جو خزانو منهنجي ضمانت آهي. (يعني مون ضمانت ڏني آهي تہ رزق ڏيڻ وارو آءٌ آهيان. تنهنجو رزق مون وٽ آسمان ۾ آهي ۽ جن ڳالهين جو توسان وعدو ڪيو اٿم اهو بہ مون وٽ تولاءِ تيار رکيو آهي. (و في السمآءِ رزقكم و ما توعدون.) (51.22)
- ڄاڻ تہ هر ڪنهن لاءِ ڪو نہ ڪو عيش (خوشي) آهي ۽ ذاڪرن جو عيش ۽ خوشي منهنجي يادگيريءَ ۾ آهي.

- هر ڪنهن کي ڪانہ ڪا اميد (آسرو) آهي، ۽ دوستن لاءِ اميد منهنجي ديدار جي آهي.

الميبدي رحمة اللّٰه عليه بيان ڪري ٿو تہ بني اسرائيل (يهودين) ۾ هڪڙو زاهد هو جيڪو ستر سال صومعه (عبادتگاهہ) ۾ ويٺو رهيو ۽ عبادت ڪندو رهيو. ستر سالن کان پوءِ ان زماني ۾ سندس قوم جي پيغمبر کي وحي آيو تہ انهيءَ زاهد کي چئو تہ تو ستر سال سهڻي نموني نيڪ رستي تي گذاريا آهن ۽ منهنجي عبادت ۾ تو عمر گذاري ڇڏي آهي. هاڻي تو کي آءٌ وعدو ٿو ڏيان تہ <u>پنهنجي فضل ۽ رحمت سان توکي آءٌ بخش ڪندس</u>. انهيءَ تي زاهد (کي حيرت ٿي ۽ مَنيان لڳي جو) چيائين تہ ”رب پاڪ مونکي پنهنجي فضل سان ٿو جنت ۾ موڪلي پوءِ اهي منهنجا ستر سال عبادت وارا ڪيڏانهن ويا، اهي مونکي ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪم ايندا، ۽ انهيءَ عبادت مان مونکي ڪهڙو فائدو پهتو؟“ رب العزت

انهيءَ وقت ان زاهد جي ڏند ۾ هڪ زبردست سور پيدا ڪيو جو ان جي ڪري رڙيون ۽ فرياد ڪندو ان پيغمبر وٽ آيو. اتي زاري ڪيائين ۽ شفاءَ جو طلبگار ٿيو. ان وقت رب پاڪ وٽان وحي آئي ۽ چيائين تہ زاهد کي چئو تہ ”اها ستر سالن جي عبادت مونکي ڏي تہ آءٌ توکي ڏند جي سور کان شفاءَ ڏيان.“

زاهد چيو تہ ”مون پنهنجي رضا ڏني ۽ ستر سالن جي عبادت ڏنيم رڳو شفاءَ روڪڙي ۽ تڪڙي (نقد) کپيم جو هيءُ سور لهيم. سڀاڻي (قيامت جي ڏينهن) تون پاڻ ڄاڻجانءِ. وڻئي تہ دوزخ ۾ موڪلجانئن، وڻئي تہ بهشت ۾ موڪلجانئن.“

ان تي ڪائنات جي جبار وٽان فرمان آيو تہ ”اها تنهنجي عبادت سموري وئي انهيءَ ڏند جي سور جي عيوض ۾، مگر هاڻي جيڪي رهيو آهي سو آهي منهنجو فضل ۽ منهنجي رحمت.“

(پوءِ هاڻي ڏس تہ توکي ڪيئن پنهنجي فضل ۽ رحمت سان جنت ۾ موڪلڻ جو جيڪو وعدو ڪيم سو سچو ٿو ڪريان).

"فبذالک فليفرحوا" پوءِ انهيءَ ڳالھ تي خوش ٿي وڃ. ۽ ڏس تہ ڪيئن اهو منهنجو فضل ۽ منهنجي رحمت انهيءَ ستر سالن جي عبادت کان وڌيڪ پلا ۽ سُنا آهن جيڪا تو جمع ڪري رکي هُئي (۽ تون انهيءَ ڏوکي ۾ هُئين تہ توکي تنهنجي اُها محنت (عبادت) منهنجي فضل کان سواءِ ڪم ايندي!).

۽ فرمايائين تہ (قُل کل يعمل علیٰ شاکلته) (17.84) هر ڪنهن کان اهو پڄندو جنهن جي هو لائق هوندو. ٻانهي کان گناھ پُڄندو، رب کان بخشش ۽ مغفرت پُڄندي.

(يقول الله تعالیٰ يا ابن آدم انت عوّاد الي الذنوب و انالعوّاد الي المغفرت.)

مطلب تہ رب تعالیٰ چيو تہ "اي آدم جا پُٽَ، تنهنجو ڪم آهي گناهن ڏانهن موٽڻ،

منهنجو ڪم آهي مغفرت ڏانهن موٽڻ.“
جيئن فارسيءَ جي شاعر فرمايو تہ

اين درگه ما درگه نوميدي نيست
هزار بار اگر توبه شڪستي باز آ.

#

# قرآن جي عظمت جون ڪِ ڳالهيون

## آية تسمية جي عظمت

۽

## قرآن نصيحت، شفاءَ، هدىٰ، رحمة ۽ فضل

(يونس 57 ۽ 58) جي روشنيءَ ۾


**محمد عمر چنڊ**

**العزيز هاءِ اسڪول ٽنڊو ڄام**


**نومبر 2006 | شوال 1427**

**آڪلنڊ، نيوزيلنڊ،**

**19 شعبان المڪرم1434ھ 28 جون 2013 م**